مدد سان تخليقي عملي جي پيچيدگين ۽ ان سان وابسته گهري اثرات کي ڏسي سگهجي ٿو (7). ان نظرين جو اثر ادبي تخليقن تي ٿيو ۽ خاص ڪري ڪهاڻي مٿي ذڪر ڪيل جديد نفسيات جي نظرين جي اثر کان بچي نه سگهي. ڪهاڻي ۾ انسان جي لاڳاپن جي نئين نموني اوک ڊوک ٿيڻ لڳي. سماجي معنويت سان گڏ اندر جي مونجهارن جو ذڪر ٿيڻ لڳو.

ٽيون نظريو ايڊلر جو احساس ڪمتري ڪهڙو مشهور آهي ان جي خيال ۾ فرد جي عضون جو حريف هجڻ سماجي حيثيت ۾ مادي وسيلن جي ڪري احساس ڪمتري پيدا ٿئي ٿو. جنهن جي ڪري هر انسان پاڻ کي ٻين کان حقير ۽ ڪمتر سمجهي ٿو. ايڊلر ٻين سببن جي مقابلي ۾ جسماني نقص ۽ ڪمزوري تي گهڻو زور ڏنو آهي جو اهڙي قسم جي تڪليف امير ۽ غريب سڀ ڪو محسوس ڪري سگهي ٿو. هن احساس جو ردعمل ڪيترائي روپ اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ احساس برتري کان وٺي ڪنهن به جرم تي ختم ٿي سگهي ٿو. مختصر هنن نظرين جو اثر سنڌي ادب تي ٿيو.

## علامت نگاري جي وصف:

علامت جي بنيادي وصف هي آهي ته شي ظاهري ۽ باطني جي حقيقي تصور سان گڏ احساساتي ۽ جذباتي ابار مان نڪرندڙ تحريڪن کي مختلف رنگن ۾ پيش ڪري علامت جي پيچيدگي اصل ۾ انساني نفسيات جي پيچيدگي آهي جنهن کي سائنس نٿي سمجهي سگهجي علامت جي سائنسي تصور جي خلاف بودلير کي چوڻو پيو: "انساني تاثرات جي تهه ۾ هڪ عالم لڪل آهي. جيڪو حقيقي آهي ان عالم تائين سائنس جي رسائي ممڪن نه آهي ان ڪري (سائنس) خارجي عنصر کان اڳتي پنهنجي نظر نٿي وجهي سگهي (8).

مٿي ڏنل تعريف جي نتيجي ۾ چئي سگهجي ٿو ته علامت ڪنهن اڻ ڏٺل شي جي مماثلت يا مشابهت آهي جنهن جي پويان محسوسات ۽ فڪر جي اشارن جو اڻ ڪندڙ سلسلو هوندو آهي. يونگ جو نظريو مٿين راءِ ۾ سختي آڻي ٿو. علامت شي جي ظاهري معني مقرر ڪري ٿي پر ان ظاهري معني جي پوئين گهرائي واري مفهوم جو هڪ طويل سلسلو هوندو آهي. مارشل اربن هن جي ٽن سمت

لکي ٿو:

”گني کي ٻهاڙي جڳهيون جو پسند آهن. ڪهاڻين ۾ ان جو جواب هي ٿي سگهي ٿو ٻهاڙ اڏول ۽ پر وقار آهن. اهو هن جو غير حقيقي هجڻ طرف اشارو نہ آهي. زمين ڪان مٿي هجڻ جو هڪ ٻيو مثال ڪهاڻي جا نانڪا ۾ بہ ملي ٿو جتي ٻهاڙ نہ بلڪہ ”بالڪني“ اچي ٿي جا بہ زمين ڪان مٿي هوندي آهي پر ان کي بنياد ڪين هوندو آهي. بالڪني جاء جو اهو حصو آهي جيڪو ٻئي جي سهاري تي هوندو آهي. گني جون هي علامتون ذاتي علامتون آهن جن جو ڪيئي پرتولہ آهن جن کي مناحرو نہ ڏسڻ گهرجي. سريلي پاشا ۾ اهي ڏند ڪٿائون انساني نفسيات جي گهڙت جا اهي آئينا آهن جن ۾ ٻنهنجو عڪس ۽ پاڻ کي ڳولي سگهجي ٿو. گني جديديت ۾ قدامت جو رس گهولي ڇڏيو آهي. اصل ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو جهڪاءُ پوري طرح سان سنڌي ڪهاڻي ۾ علامت نگاري ڏانهن ڪونهي پر ان کي استعمال ڪيو ويو آهي. اردو ادب ۾ انتظار حسين (۽ ٻيا) علامت نگاري کي مڪمل طرح ڪم آندو آهي. ايشور چندر جون ڪهاڻيون ڪردارن جي چوطرف اٿيل آهن. جيڪي سماج سان سڌي طرح ٽڪراءُ ۾ آهن. هو زندگي جا چتر جئين ٿو جيڪي درد جي ڪوميڙي ۾ ويڙهيل آهن. وچولي درجي جي رشتن ناتن ۾ سرد مهري سندس ڪهاڻي جي خوبي آهي. سندس ڪن ڪهاڻين ۾ علامتي اشاريت ملي ٿي. جيڪا جديد ڪهاڻيءَ جي خوبي آهي. هڪ ٻيو ليکڪ وشنو ڀاٽيا اخلاقي ڏيوالپڻي جو انڪشاف ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ جنسيات جو عڪس نظر اچي ٿو. هو علامتن جو استعمال ڪري ٿو. پريم پرڪاش ٻنهنجن ڪهاڻين ۾ هڪ وڏي معنيٰ رکي ٿو. من وگياني نفسياتي سناءُ سندس ڪهاڻي ۾ آهي. ڪهاڻي کي انند ڪيماڻي پوڙڪ چهاء ڏيئي ان کي ڪرو ۽ بهادرانہ بنايو آهي. مجموعي طور تي هند ۾ سنڌي ڪهاڻي سماجي قدرن ۽ اندر ۾ ٽٽل انسان ۽ ٻين آدرشن جي ٽٽڻ اخلاقي ۽ ماضي ڪان ڪٽجڻ جي ڳالهہ آهي هن ۾ جديد تجربا ڪندي ڪهاڻي کي علامتي بنايو ويو آهي. ان طرح سنڌي ساهت ڪهاڻي جي وسيلي سماجي ڪارج جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي شهري ۽ صنعتي سڀيتا جا نفي پهلو ۽ ان جي نتيجي ۾ نفسياتي اثرن مان پيدا ٿيندڙ انيڪ ۽ گهٽو پيڙا جو درد ڏسي سگهجي ٿو.

**هيٺين ڪتابن تان مدد حاصل ڪئي وئي:**

1- هيرو ٺڪر: "جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي". ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر ڀارت. 1975ع.

2- اي - جي - اتم: "سنڌي ڪهاڻي". ناٽڪ ۽ تنقيد. نئين دنيا پبليڪيشن 1983ع.